ABC Certified DAILY AAS HYDERABAD

روزاني آس حيدرآباد

dailyaashyd@gmail.com

(سال15)اربع 18 مئي 2022ع بمطابق 16 شوال المڪرم 1443ھ (شمارو 135) قيمت 15 روپيا)

واقعن کان ڊنل ناهيون، دهشتگردن کي نہ ڇڏينداسين: مراد علي شاھ

گذريل رات هڪ دهشتگردي جو واقعو ٿيو. تي واقعا مسلسل ٿيا آهن. سڄي ملڪ ۾ ڪجھ عرصي کان واقعا ٿي رهيا آهن. دهشتگرد جتي بہ هجن نہ ڇڏينداسين

جنوري کان 15 مئي تائين سڄي ملڪ ۾ 219 دهشتگردي جا واقعا ٿيا آهن. 104 ڪي پي ۾ ٿيا. بلوچستان ۾ بہ 104 واقعا ٿيا آهن. سنڌ ۾ 11 واقعا ٿيا. جن ۾ 7 ماڻهو شهيد ٿيا آهن

سنڌ ۾ ٻين جي ڀيٽ ۾ گهٽ واقعا ٿيا آهن پر اهي ڪنهن بہ صورت ۾ قبول ناهن. ڪالھ رات واري واقعي بابت اڃا تائين خبر ناهي تہ ڪنهن ڪيو. دهشتگرد جي نہ ٻولي آهي نہ ئي ڪو مذهب

دهشتگردن جي فنڊنگ ملڪ دشمن ڪندا آهن. جڏهن وزيراعظم آيو هو تہ ان سان ڳالھ ٻولھ ڪئي هئي. مان اڄ بہ اجلاس ڪيو آهي. انٽيليجنس جي ناڪامي تي بہ ڳالھ ٻولھ ٿي

دهشتگردي جي واقعن کي ڪنٽرول ڪنداسين. اسان هر قدم کڻنداسين. اهڙن هنڌن تي واقعا ٿيا آهن. جتي ماڻهن جو هجوم هوندو آهي. موٽر سائيڪل ۾ ڇگو پلو مواد نصب هيو

ڪراچي (م د) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاھ چيو آهي تہ ڪراچي ۾ مسلسل دهشتگردي جا 3 واقعا ٿيا آهن. دهشتگرد ڪٿي بہ هجن نہ ڇڏينداسين. سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاھ پريس ڪانفرنس ۾ چيو تہ گذريل رات هڪ دهشتگردي جو واقعو ٿيو تي واقعا مسلسل ٿيا آهن. سڄي ملڪ ۾ ڪجھ عرصي کان واقعا ٿي رهيا آهن. جن چيو تہ جنوري کان 15 مئي تائين سڄي ملڪ ۾ 219 دهشتگردي جا واقعا ٿيا آهن. 104 ڪي پي ۾ ٿيا. بلوچستان ۾ بہ 104 واقعا ٿيا آهن. سنڌ ۾ 11 واقعا ٿيا. جن ۾ 7 ماڻهو شهيد ٿيا آهن. سنڌ ۾ ٻين جي ڀيٽ ۾ گهٽ واقعا ٿيا آهن پر اهي ڪنهن بہ صورت ۾ قبول /بقايا ڇهون صفحو 3 نمبر 21

ڪراچي: وڏو وزير سيد مراد علي شاھ امن امان بابت اجلاس جي صدارت ڪندي

پارٽي کان بغاوت ڪندڙن جو ووٽ نہ ڳڻيو ويندو: سپريم ڪورٽ جو صدارتي ريفرنس تي فيصلو

صدارتي ريفرنس اڪلايو وڃي ٿو. سوال ٿيو تہ ڦري ويل ميمبر جو ووٽ ڳڻبو يا نہ. آرٽيڪل 63 اي اڪيلو نٿو پڙهي سگهجي: چيف جسٽس عمر عطا بنديال

ڦڙن ڪينسر آهي، ڦڙن سياسي پارٽين کي غير مستحڪم ۽ پارلياماني جمهوريت کي ڊي ريل بہ ڪري سگهي ٿو. ڦري ويل ميمبر جو ووٽ نٿو ڳڻي سگهجي

صدارتي ريفرنس تي ٻڌڻي، مونکي ڳالهائڻ ڏيو (بابر اعوان) توهان عدالت کي ڊسٽرب نہ ڪريو، 2 منٽ ڳالهائڻ چاهيو ٿا تہ اسان وينا آهيون: چيف جسٽس

عدالت آبزرويشن سان اتفاق نٿي ڪري. عدالت کي ميمبر ۽ سياسي پارٽي جي حقن کي بہ ڏسڻو آهي. باغي ميمبر خلاف ڪارروائي جو طريقو آرٽيڪل 63 اي ۾ موجود آهي: اٽارني جنرل

ڇا صدر پارليامينٽ ۾ پنهنجي ساليانى تقرير ۾ اهو معاملو ڪڏهن اٿاريو؟ ڇا آرٽيڪل 63 اي جي تشريح لاءِ ڪڏهن ڪنهن پارٽي ڪو قدم کنيو؟: جسٽس جمال مندوخيل

اسلام آباد (م د) ڦري ويل پارليامينٽ ميمبرن بابت آرٽيڪل 63 اي جي تشريح جي صدارتي ريفرنس جو فيصلو سپريم ڪورٽ

ابوظهبي: پرڏيهي وزير بلاول ڀٽو زرداري يو اي اي جي صدر سان تعزيت ڪندي

ڪراچي ڌماڪو: وزيراعظم پاران وڏي وزير کي فون، هر ممڪن تعاون جي آڇ

وزيراعظم شهباز شريف وڏي وزير کان دهشتگردن خلاف ڪريڪ ڊائون بابت ڄاڻ ورتي

ڪراچي (رپورٽر) وزيراعظم شهباز شريف سنڌ جي وڏي وزير مراد علي شاھ کي ٽيليفون ڪيو جنهن ۾ بولٽن مارڪيٽ ڌماڪي تي ڏک جو اظهار ڪيو ويو. وزيراعظم شهباز شريف وڏي وزير کان دهشتگردن خلاف ڪريڪ ڊائون بابت ڄاڻ /بقايا ڇهون صفحو 3 نمبر 25

سپريم ڪورٽ جو فيصلو ٻڌي سٺو، آصف زرداري واقعي ن ليگ تي ڳرو ثابت ٿيو: عمران خان

لوٽن خلاف فيصلي تي سپريم ڪورٽ جا ٿورا مڃون ٿا. سپريم ڪورٽ پاڪستان جي اخلاقيات کي ڪرڻ کان بچايو

جيڪي ماڻهو ووٽ ڪپائيندا آهن، اهي پنهنجي ماڻهن، آئين ۽ جمهوريت سان غداري ڪندا آهن

شهباز شريف کي وزيراعظم ٿيڻ جو شوق هيو. پيٽرول ۽ ڊيزل جي قيمتون وڌڻ لڳيون آهن. امپورٽڊ حڪومت ڊنل آهي

خوشاب (م د) اڳوڻي وزيراعظم ۽ پي ٽي آءِ چيئرمين عمران خان چيو آهي تہ لوٽن خلاف فيصلي تي سپريم ڪورٽ جا ٿورا مڃون ٿا. سپريم ڪورٽ پاڪستان جي اخلاقيات کي ڪرڻ کان بچايو. جيڪي ماڻهو ووٽ ڪپائيندا آهن، اهي پنهنجي ماڻهن، آئين ۽ جمهوريت سان غداري ڪندا آهن. شڪر آ تہ سپريم ڪورٽ اڄ انهن جي ووٽ کي رد ڪري ڇڏيو. خوشاب ۾ جلسي سان خطاب ڪندي عمران خان چيو تہ اڄ خوشاب /بقايا ڇهون صفحو 3 نمبر 24

يوڪرين لاءِ روسي اثاثا استعمال ڪرڻ "کليل چوري" آهي: روس

منجمد اثاثن جو استعمال غيرقانوني هوندو جنهن جو ڀرپور جواب ڏنو ويندو

منجمد اثاثن کي يوڪرين جي ٺٽين سر بحالي لاءِ استعمال ڪري سگهجي ٿو: جرمني

ماسڪو (م د) ماسڪو حڪومت روس جا منجمد اثاثا يوڪرين لاءِ استعمال ڪرڻ واري تجويز کي "کليل چوري" قرار ڏنو آهي. روسي بيان ۾ چيو ويو آهي تہ روس جي منجمد اثاثن جو استعمال غيرقانوني هوندو جنهن جو ڀرپور جواب /بقايا ڇهون صفحو 3 نمبر 23

وفاقي ڪابينا نيب قانونن ۾ ترميم لاءِ قانون واري وزير جي سربراهي ۾ ڪميٽي جوڙي ڇڏي

سول سرونٽس رولز 2020ع کي ملتوي ڪرڻ ۽ انهن رولز تحت سرڪاري آفيسرن جي خلاف شروع ڪيل ڪاررواين کي ختم ڪرڻ جي منظوري

سخت گرمي جي لهر جي ڏس ۾ ماحولياتي تبديلي واري وزارت جي انتظام هيٺ خصوصي ٽاسڪ فورس جوڙي وئي

پاڪستان جي آءِ ٽي شعبي ۾ سيڙپڪاري ۽ روانگي واپار جا وسيع موقعا موجود آهن جن مان فائدو کڻڻ گهرجي: وزيراعظم

اسلام آباد (م د) وفاقي ڪابينا نيب قانونن ۾ ترميم جي لاءِ قانون واري وفاقي وزير جي سربراهي ۾ ڪميٽي جوڙڻ ۽ سول سرونٽس رولز 2020ع کي ملتوي ڪرڻ ۽ انهن رولز تحت سرڪاري آفيسرن جي خلاف شروع ڪيل ڪاررواين کي ختم ڪرڻ جي منظوري ڏني. جڏهن تہ وزيراعظم ڪابينا کي آگاهہ ڪيو آهي تہ ملڪ ۾ سخت گرمي جي لهر جي ڏس ۾ ماحولياتي تبديلي واري وزارت جي انتظام هيٺ خصوصي /بقايا ڇهون صفحو 3 نمبر 26

قابل ماڻهو ۽ نيڪ نيتي هجي تہ پاڻي جو مسئلو حل ٿي ويندو: سنڌ هاءِ ڪورٽ

ڇا مهانڊا ڏسي فيصلا ڪندا آهيو تہ ڪنهن کي پاڻي ڏيڻو آهي ۽ ڪنهن کي نہ

سڄي شهر کي پاڻي ڏيڻ لاءِ رگوپيري تي پمپنگ اسٽيشن قائم ٿيل آهي: چيف انجنيئر

ڪراچي (م د) سنڌ هاءِ ڪورٽ ڪراچي ۾ پاڻي جي ورهاست ۽ رٿابندي جا تفصيل طلب ڪري ورتا. عدالت ريمارڪس ڏنا تہ قابل ماڻهو هجن، نيڪ نيتي /بقايا ڇهون صفحو 3 نمبر 27

نگران حڪومت جي لاءِ اسلام آباد ۽ راولپنڊي ۾ وڏا فيصلا ٿي رهيا آهن: شيخ رشيد

آصف علي زرداري کي هئن ڪان جيڪو بدلو وٺڻو هو اهو هن ورتي ڇڏيو. اتحادي ڳنڍ نہ رهيا تہ امپورٽڊ حڪومت اڪثريت وڃائي ويهندي

48 ڪلاڪن ۾ اهم فيصلا ٿي ويندا. ڪيترين سياسي پارٽيون جوڙيون ٿي رهيون آهن. 20 مئي تي عمران خان ملتان جلسي جو سڏ ڏيندو

اسلام آباد (م د) شيخ رشيد چيو آهي تہ اسلام آباد ۽ راولپنڊي ۾ نگران حڪومت جي لاءِ وڏا فيصلا ٿي رهيا آهن. ملڪ هن ڪان ٿر پيو هلي. آصف علي زرداري کي هئن ڪان جيڪو بدلو وٺڻو هو اهو هن ورتي. چڏيو اتحادي ڳنڍ نہ رهيا تہ امپورٽڊ حڪومت اڪثريت وڃائي ويهندي. عوامي مسلم ليگ جي سربراهہ شيخ رشيد صحافين سان ڳالهائيندي چيو تہ اير ڪيو لير آڳ ئي چڏي ڇڏيو آهي تہ اپوزيشن ۾ ويهي سگهون ٿا. اتحادي ڳنڍ نہ رهيا تہ حڪومت اڪثريت وڃائي ويهندي. 48 ڪلاڪن ۾ /بقايا ڇهون

حڪومت کي پيٽروليم تي 350 ارب رپين جي سبسڊي ڏيڻي پوندي: اسحاق ڊار

لنڊن (م د) اڳوڻي ناڻي واري وزير اسحاق ڊار چيو آهي تہ حڪومت کي پيٽروليم تي 350 ارب رپين جي سبسڊي ڏيڻي پوندي. خانگي ٽي وي چينل سان ڳالهائيندي اسحاق ڊار چيو تہ خان صاحب تباهي ڪري هليو ويو. هاڻي ان کي درست ڪرڻ سڀني جو فرض آهي. هن چيو تہ عمران خان قيمت وڌائڻ بجران پيٽرول ۽ ڊيزل جي قيمت ڏهہ رپيا گهٽ ڪري ڇڏي. حڪومت کي پيٽروليم تي 350 ارب رپين جي سبسڊي ڏيڻي پوندي. سنڌس چوڻ هو تہ ڪاٿي پيش جي شين /بقايا ڇهون صفحو 3 نمبر 29

ڇوڪرين جي تعليم بابت جلد سٺي خبر ڏينداسين: سراج الدين حقاني

وضاحت ڪرڻ چاهيندس. اسان ۾ اهڙو ڪير ناهي جيڪو عورتن جي تعليم خلاف هجي

هاءِ اسڪولز ۾ نارين ... ميڪينزم ناهن تي ڪم جاري آهي

سيڪنڊري اسڪول ڪرڻ بابت جلد سٺي خبر ڏينداسين. هڪ انٽرويو ۾ افغان گهرو وزير سراج الدين حقاني ٻڌايو تہ ان جي هڪجهڙ ڪلاڪن بعد بند ڪري ڇڏيا هئا. سراج الدين حقاني پرڏيهي خابرا ڌاري کي ٻڌايو تہ مان ڪجهہ وضاحت ڪرڻ چاهيندس. اسان ۾ اهڙو ڪير ناهي جيڪو عورتن /بقايا ڇهون صفحو 3 نمبر 28

ملڪ ۾ ڊالر سان گڏوگڏ سون جو اگهہ بہ چوٽ چڙهي ويو

في تولي سون جي قيمت ۾ 1500 رپين جي واڌ ٿي آهي: سنڌ سونارا ايسوسيئيشن

10 گرام سون 1286 رپيا چڙهڻ کانپوءِ هڪ لک 18 هزار 398 رپين جو ٿي ويو

ڪراچي (م د) ملڪ ۾ ڊالر سان گڏوگڏ سون جو اگهہ بہ چوٽ چڙهي ويو. سنڌ سونارا بازار ايسوسيئيشن موجب في توليي سون جي قيمت ۾ 1500 رپين جي واڌ ٿي آهي. جنهن کانپوءِ ان جي قيمت هڪ لک 38 هزار 100 رپيا ٿي وئي آهي. اهڙي ريت 10 گرام سون 1286 رپيا چڙهڻ کانپوءِ هڪ لک 18 هزار 398 رپين جو ٿي ويو آهي. جڏهن تہ عالمي مارڪيٽ ۾ سون جو قدر 34 ڊالر وڌڻ کانپوءِ 1833 ڊالر في اونس آهي.

*****

سپريم ڪورٽ جي فيصلي سان شهباز ۽ حمزا جي حڪومت ٽي وئي: فواد چوڌري

انهن ماڻهن تي تاحيات نااهلي بہ اچي وئي آهي. شهباز شريف ۽ حمزا شهباز اڄ اڪثريت وڃائي چڪا آهن

3 ماڻهون ليگ کان ڌار ٿي چڪا آهن. صدر اعتماد جي ووٽ جو چوندو تہ انهن وٽ 169 ميمبر آهن

پنجاب حڪومت ۾ حمزا وٽ 171 ميمبر آهن. 186 گهرجن. شهباز شريف ۽ حمزا شهباز کي اڄ ئي عهدي کان ڌار ٿيڻ گهرجي

اسلام آباد: وفاقي وزير مفتاح اسماعيل سان ايشين ڊولپمينٽ بينڪ جو وفد ملاقات ڪندي

پيٽرول ۽ ڊيزل جو اگهہ نہ وڌايو ويو

لاءِ فڪرمند آهيون: مريم نواز

لاهور (م د) ن ليگ نائب صدر مريم نواز چيو آهي تہ پيٽرول ۽ ڊيزل جي قيمت نہ وڌائي وڃي تہ ملڪي معيشت دم ٽوڙي ويندي. ٽوئيٽر تي جاري ڪيل بيان ۾ مريم نواز چيو تہ فيصلو ڪرڻ ڏکيو ناهي پر نواز شريف ۽ شهباز شريف کي عوامي ڏک ۽ تڪليف جو اندازو آهي. جن لاءِ اهي فڪرمند آهن. هن چيو تہ عمران خان ملڪي /بقايا ڇهون صفحو 3 نمبر 34

اسلام آباد ۾ تعليمي ادارن ۾ پرائمري جا ڪلاس بند ڪرڻ جو حڪم

ڇهين ڪان مٿي وارن ڪلاسن جو ٽائيم 8 وڳي کان 11 وڳي تائين ڪيو ويو

پنجين ڪلاس تائين تعليمي ادارا بند ڪرڻ جو حڪومتي فيصلو قبول جوڳو نہ آهي: پرائيويٽ اسڪول

اسلام آباد (م د) هيٽ ويو جي شدت واري خطري کي نظر ۾ رکندي اسلام آباد ۾ سرڪاري ۽ خانگي تعليمي ادارن ۾ پرائمري ڪلاس بند ڪرڻ جو حڪم جاري ڪيو ويو آهي. رپورٽ موجب اسلام آباد ۾ هيٽ ويو جي حوالي /بقايا ڇهون صفحو 3 نمبر 32

اليڪشن ڪميشن پاران باغي ميمبرن بابت فيصلي جي ڪاز لسٽ تبديل

18 مئي جي ڪاز لسٽ مان ڦري ويل پنجاب اسيمبلي ميمبرن جو فيصلو هٽايو ويو

اليڪشن ڪميشن سڀاڻي ٿي ڦري ويل ميمبرن جو فيصلو ٻڌائي سگهي ٿي: ذريعا

اسلام آباد (م د) اليڪشن ڪميشن آف پاڪستان (اي سي پي) پاڪستان تحريڪ انصاف (پي ٽي آءِ) جي 25 ڦري ويل پنجاب اسيمبلي جي ميمبرن جي نااهلي ريفرنس جي فيصلي بابت 18 مئي جي ڪاز لسٽ ۾ متاثرا ڪري /بقايا ڇهون صفحو 3 نمبر 35

اسلام آباد: وزيراعظم شهباز شريف اجلاس جي صدارت ڪندي

عمران خان معاشي تباهي، مهانگائي ۽ بيروزگاري تي عوامي مجرم آهي: مريم اورنگزيب

عمران خان تماشو ڪري ۽ ڪوڙ ڳالهائي عوام تي جيڪو ظلم ڪيو، ان جي جواب کان هو ڀڄي نٿو سگهي

2018ع ۾ ڊالر جي قيمت 116 رپين کان وڌي 2022ع ۾ 189 رپيا ٿي وئي، قومي ترقيءَ جي رفتار 4 سيڪڙو تي وڃي پهتي

چار سالن ۾ غربت جي لڪير کان هيٺ ماڻهن جي تعداد ۾ 2 ڪروڙ ماڻهن سميت 13 ڪروڙ ٻارن جو اضافو ٿيو

اسلام آباد (م د) اطلاعات ۽ نشريات واري وفاقي وزير مريم اورنگزيب چيو آهي تہ عمران خان معاشي تباهي، مهانگائي ۽ بيروزگاري تي عوامي مجرم آهي. ڪيس جواب ڏيڻو پوندو پنهنجي نرڳيت ۾ هن چيو تہ عمران خان تماشو ڪري ۽ /بقايا ڇهون صفحو 3 نمبر 31

وزيراعظم جي صدارت هيٺ اجلاس: چيني شهرين جي سيڪيورٽي وڌيڪ سخت ڪرڻ جو فيصلو

اسلام آباد (م د) وزيراعظم شهباز شريف چيني شهرين جي سيڪيورٽي سخت ڪرڻ جو فيصلو ڪري ورتو آهي. وزيراعظم شهباز شريف جي صدارت هيٺ چيني شهرين جي سيڪيورٽي بابت اجلاس منعقد ٿيو. جنهن ۾ گهرو وزير راڻا ثناءالله، احسن اقبال ۽ ٻين شرڪت ڪئي. اجلاس ۾ سي پيڪ منصوبن تي ڪم ڪندڙ چيني /بقايا ڇهون صفحو 3 نمبر 36

اسلام آباد: وفاقي وزير شيري رحمان تقريب کي خطاب ڪندي

سنڌ ۾ نائين ۽ ڏهين درجي جا امتحان شروع، ڪاپي جي ڌم متل

سکر، ميرپورخاص، لاڙڪاڻو ۽ بينظيرآباد تعليمي بورڊز تحت پيپر شروع ٿيڻ کان اڳ پرچا آئوٽ ٿيڻ جون شڪايتون

گهوٽڪي، ڏهرڪي ۽ ميرپورخاص ۾ انگريزي جو پرچو امتحان شروع ٿيڻ کان اڳ واٽس ايپ گروپس ۾ وائرل ٿي ويو

لاڙڪاڻو ۾ سنڌي ۽ نوابشاھ ۾ اردو جو پرچو آئوٽ ٿي ويو. سکر ريجن جي مختلف امتحاني سينٽرن تي انگريزي جو پرچو آئوٽ ٿيو

شڪايتون /بقايا ڇهون صفحو 3 نمبر 37

حفيظ شيخ گرفتاري کان بچڻ لاءِ عدالت سان رابطو ڪري ورتو

درخواست گذار هن وقت دبئي ۾ آهي جڏهن تہ نيب سان مڪمل تعاون جي لاءِ تيار آهي: وڪيل

عبدالحفيظ شيخ جي 10 ڏينهن جي لاءِ حفاظتي ضمانت منظور ڪندي هڪ لک رپين جا مچلڪا جمع ڪرائڻ جو حڪم

ملڪ واپسي تي نيب حفيظ شيخ کي گرفتار نہ ڪري: عدالت جو نيب کي حڪم

اسلام آباد (م د) اڳوڻي ناڻي واري وفاقي وزير عبدالحفيظ شيخ نيب جي گرفتاري کان بچڻ لاءِ عدالت سان رابطو ڪري ورتو آهي. رپورٽ موجب اڳوڻي ناڻي واري وزير عبدالحفيظ شيخ مشان نجي ڪمپني کي فائدو پهچائڻ واري الزام جي درخواست /بقايا ڇهون صفحو 3 نمبر 39

رياست گم ٿيل شهرين جي معاملي تي لاتعلق نظر اچي رهي آهي: اسلام آباد هاءِ ڪورٽ

جڏهن کان گم ٿيل شهرين جو معاملو اٿاريو، رياست لڳاتار لاتعلق نظر اچي رهي آهي. رياست جي لاتعلقي کي ڪيئن ختم ڪيو وڃي

هڪ وزارت ٻي وزارت تي معاملو وجهي ٿي. رگو رپورٽس گهرائڻ سان فائدو نہ ٿيندو. جن جو پتو پيو آهي، اهي تہ مسنگ پرسنز نہ ٿيا

گم ٿيل شهرين جو معاملو اٿاريو، رياست لڳاتار لاتعلق /بقايا ڇهون صفحو 3 نمبر 40

باڪو: قومي اسيمبلي جو اسپيڪر راجا پرويز اشرف تقريب کي خطاب ڪندي

ليفٽيننٽ ڪرنل (ر) عاصم، عمران خان جو سيڪيورٽي انچارج مقرر

اسلام آباد (م د) تحريڪ انصاف ليفٽيننٽ ڪرنل (ر) عاصم کي عمران خان جو سيڪيورٽي انچارج مقرر ڪري ڇڏيو. پاڪستان تحريڪ انصاف جي ٽوئيٽر اڪائونٽ ذريعي پارٽي چيئرمين جي سيڪيورٽي انچارج جي مقرري جو اطلاع ڏنو ويو آهي. پي ٽي آءِ موجب عمران خان جو سيڪيورٽي انچارج ليفٽيننٽ /بقايا ڇهون صفحو 3 نمبر 45

سريلنڪن وزيراعظم قومي ايئر لائين خانگي ڪرڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو

عوامي رليف لاءِ هڪ خاص بجٽ پيش ڪري رهيا آهيون: راڻيل وڪرماسنگهي

سرڪاري ملازمن کي پگهارون ڏيڻ لاءِ نوان ڪرنسي نوٽ ڇاپڻا پئجي رهيا آهن

ڪولمبو (م د) سريلنڪا جي نئين وزيراعظم ملڪي تاريخ جي بدترين معاشي بحران جي حل لاءِ قومي ايئر لائين کي خانگي ڪرڻ جو اعلان ڪيو آهي. اقتصادي بحران جي حل لاءِ نئين حڪومت ڪيترائي نوان سڌارا آڻي رهي آهي. وزيراعظم راڻيل /بقايا ڇهون صفحو 3 نمبر 38

آءِ بي اي ٽيسٽ 40 مارڪس تي پاس ڪندڙ اميدوارن لاءِ خوشخبري

پي ايس ٽي ۽ جي اي ايس ٽي جون جايون خالي آهن: سردار شاھ جي وڏي وزير کي آگاهي

اميدوارن کان سخت ٽيسٽ ورتي وئي هئي. تعليم کاتي ۾ وڌيڪ استاد ڀرتي ڪري سگهجن ٿا

ڪراچي (رپورٽر) پي ايس ٽي ۽ جي اي ايس ٽي لاءِ آءِ بي اي ٽيسٽ 40 مارڪس تي پاس ڪندڙ اميدوارن لاءِ سٺي خبر سامهون آئي آهي. سنڌ سرڪار 40 مارڪس ڪندڙ اميدوارن کي ڀرتي ڪرڻ جو فيصلو ڪري ورتو آهي. ذريعن موجب /بقايا ڇهون صفحو 3 نمبر 41

اتر وزيرستان ۾ سيڪيورٽي فورسز جي ڪارروائي، پابندي مڙهيل ٽي ٽي پي جا ٻہ دهشتگرد مارجي ويا

راولپنڊي (م د) اتر وزيرستان جي علائقي ميرا ۾ سيڪيورٽي فورسز جي وڏي ڪارروائي. تحريڪ طالبان پاڪستان جا ٻہ اهم ۽ انتهائي گهربل دهشتگرد مارجي ويا. آءِ ايس پي آر موجب اتر وزيرستان جي علائقي ميرا ۾ 16 ۽ 17 مئي جي وچولي رات سيڪيورٽي فورسز ۽ دهشتگردن ۾ فائرنگ جي ڏي وٺ ٿي. جنهن دوران /بقايا ڇهون صفحو 3 نمبر 43

اسلام آباد: صدر عارف علوي سان سعودي سفير ملاقات ڪندي

پابندي پيل فنڊنگ ڪيس، اسان اليڪشن ڪميشن کي ڪم کان ناهي روڪيو: هاءِ ڪورٽ

ڪنهن سياسي پارٽي کي اليڪشن ڪميشن جي پروسيڊنگز کان شڪايت نہ ٿيڻ گهرجي. اليڪشن ڪميشن آئيني ادارو آهي

لڳي ٿو اليڪشن ڪميشن ساليانى بنياد تي سياسي پارٽي جي آڊٽ جي چنڊ ڇاڻ ناهي ڪرائي رهي. ڪيس 8 سال هلڻ نہ گهرجي ها

جيڪڏهن ڪنهن سياسي پارٽي جا اڪائونٽس اعتراض جوڳا هئا تہ رڳو انهن کان جواب وٺو ها: ٻڌڻي دوران ريمارڪس

اسلام آباد (م د) اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس جسٽس اطهر من الله پي ٽي آءِ جي پابندي پيل فنڊنگ ڪيس جو فيصلو 30 ڏينهن ۾ ڪرڻ جي خلاف درخواست تي ٻڌڻي ڪندي ريمارڪس ڏنا تہ ڪنهن سياسي پارٽي کي اليڪشن ڪميشن جي پروسيڊنگز کان شڪايت نہ ٿيڻ گهرجي ۽ اليڪشن ڪميشن آئيني ادارو آهي. اسان ان کي ڪم کان ناهي /بقايا ڇهون صفحو 3 نمبر 42

حڪومت نيب چيئرمين جاويد اقبال کي هٽائڻ جو فيصلو ڪري ورتو

نيب ترميمي آرڊيننس جو مدو 2 جون تي ختم ٿي رهيو آهي

آرڊيننس ختم ٿيندو تہ موجوده نيب چيئرمين پنهنجي عهدي تي برقرار نہ رهي سگهندو

ڪري ورتو آهي. رپورٽ موجب حڪومت آهي /بقايا ڇهون صفحو 3 نمبر 44

خيبر پختونخواھ حڪومت جو بينظير انڪم سپورٽ پروگرام مان نڪرڻ جو فيصلو

ڪابينا اجلاس ۾ انصاف فوڊ ڪارڊ جاري ڪرڻ جي منظوري ڏني وئي ۽ فوڊ ڪارڊ جي شروعات پهرين جولاءِ کان ٿيندي: محمد علي سيف

انصاف فوڊ ڪارڊ ذريعي غريب گهرائن کي اٽو ۽ ٻيون کاڌي پيتي جون شيون مفت ملنديون

مجموعي طور تي 10 لک گهراڻا انصاف فوڊ ڪارڊ مان فائدو کڻندا. صوبائي ڪابينا بينظير انڪم سپورٽ پروگرام مان نڪرڻ جي فيصلي جي منظوري بہ ڏني آهي

پشاور (م د) خيبر پختونخواھ ڪابينا بينظير انڪم سپورٽ پروگرام (بي آءِ ايس پي) مان نڪرڻ جي منظوري ڏني آهي. وزير جي خاص مددگار بيرسٽر محمد علي سيف جو چوڻ هو تہ ڪابينا اجلاس ۾ انصاف فوڊ ڪارڊ جاري ڪرڻ جي منظوري ڏني وئي ۽ فوڊ ڪارڊ جي شروعات پهرين جولاءِ کان ٿيندي. هن چيو تہ انصاف فوڊ ڪارڊ ذريعي غريب گهرائن کي اٽو ۽ ٻيون /بقايا ڇهون صفحو 3 نمبر 46

عمران خان جا فون چوري ٿيڻ وارو معاملو: شاهدين نہ ملي سگهيون

جهاز جي لنڊنگ کان روانگي تائين سي سي ٽي وي فوٽيجز جو جائزو ورتو ويو

جهاز ۾ شهباز گل، شاھ محمود قريشي ۽ جهاز جو عملو سوار هو

اسلام آباد (م د) اڳوڻي وزيراعظم عمران خان جا موبائل فونز گم ٿيڻ جي شهباز گل جي دعويٰ تي سيالڪوٽ ايئرپورٽ انتظاميه ۽ ايئرپورٽ سيڪيورٽي فورس (اي ايس ايف) تحقيق ڪئي. ذريعن موجب سي سي ٽي /بقايا ڇهون صفحو 3

حڪومت جو رليف پيڪيج جي منظوري بنا پيٽروليم شين جي اگهن ۾ واڌ کان انڪار

حقدار ماڻهن کي پيٽروليم شين تي ٽارگيٽڊ سبسڊي ڏيڻ لاءِ 3 پلان جلد منظوري لاءِ وزيراعظم کي پيش ڪيا ويندا: مصدق ملڪ

وزيراعظم 18 کان 20 هزار رپيا ماهوار آمدني رکندڙ غريب ۽ حقدار ماڻهن کي رليف پلان ڏيڻ بنا پيٽروليم شين جي اگهن ۾ واڌ نہ ڪندي

اسلام آباد (م د) وفاقي حڪومت رليف پلان جي منظوري بنا پيٽروليم شين جي اگهن ۾ واڌ کان انڪار ڪري ڇڏيو. پيٽروليم بابت مملڪتي وزير مصدق ملڪ صحافين سان ڳالهائيندي چيو تہ حقدار ماڻهن کي پيٽروليم شين تي ٽارگيٽڊ سبسڊي ڏيڻ لاءِ 3 پلان جلد منظوري لاءِ وزيراعظم کي پيش ڪيا ويندا. هن چيو تہ وزيراعظم 18 کان 20 هزار رپيا ماهوار آمدني رکندڙ /بقايا ڇهون صفحو 3 نمبر 48

dailyaasoffical
dailyaasoffical
0322-3921123
0335-7558367
www.dailyaas.com.pk Email-dailyaashyd@gmail.com
ڪراچي آفيس: رابطي لاءِ 10ي 1-ٽئون فلور، فرسٽ جامي ڪمرشل اسٽريٽ، فيز VII ڊي ايڇ اي، ڪراچي. فون نمبر: 021-35317757
حيدرآباد آفيس: آفيس 1 بيسمينٽ ممتاز هائٽس نيئر حيدر چوڪ گاڏي کاتو حيدرآباد. فون نمبر 022-2782921

روزاني آس
ايڊيٽر : عاطف صادق

پبلشر افشان عاطف سمر پرنٽرز جي 1، گرائونڊ فلور بي آر آر ٽاور حسن علي اسٽريٽ، آءِ آءِ چندريگر روڊ مان ڇپرائي آفيس نمبر 1 بيسمينٽ ممتاز هائٽس گاڏي کاتا حيدرآباد مان پڌري

اداريو ۽ راءِ

بند گهٽيءَ ۾ بيٺل گورنمينٽ

اعجاز منگي

عمران خان 20 تاريخ کان پوءِ واري مارچ جي لاءِ مومينٽم پيدا ڪرڻ جي سلسلي ۾ هر ڏينهن ڪنهن نه ڪنهن شهر ۾ سياسي جلسو ڪري رهيو آهي ۽ ان جلسي ۾ عوامي شرڪت به ڀرپور آهي. هو حڪومت تہ ڇا پر هاڻي اسٽيبلشمينٽ تي بہ اهو دٻاءُ پيدا ڪرڻ جي سلسلي ۾ سوپارو نظر اچي رهيو آهي تہ جلد کان جلد چونڊن سوا صلح جو ٻيو ڪو بہ رستو نہ رهيو آهي. جڏهن معاملو ان حد تائين پهچي وڃي تہ پوءِ نظر ايندڙ ۽ اکين کان اوجهل حڪومت جي هٿن ۾ آخر ڇا رهندو؟ خاص طور تي جڏهن حڪومت ۾ شامل پارٽيءَ جي اصل قيادت يعني ميان نواز شريف بہ تمام گهڻو اصرار ڪري رهيو آهي تہ ڪنهن بہ طرح سان حڪومت مان هٿ ڪڍڻ کپن. ان کان سواءِ ميان نواز شريف ۽ هن جي حامي حلقي جو اهو خيال بہ آهي تہ شهباز شريف آصف زرداريءَ جي چڪر ۾ اچي پارٽيءَ کي تمام گهڻو نقصان پهچايو

پاڻيءَ کان محروم سنڌ واسي

سنڌ ۾ پاڻيءَ جي کوٽ ڪيتري خطرناڪ صورتحال اختيار ڪري وئي آهي. ان جو اندازو سنڌ جا بيراج ۽ ڪئنال ڏسي سولائيءَ سان لڳائي سگهجي ٿو. چاڪاڻ تہ هاڻوڪن ڏينهن ۾ سنڌ جي شاخن ۾ واري اڏامي رهي آهي ۽ ماڻهو پاڻيءَ لاءِ پريشان لڳا پيا آهن. هن صورتحال ۾ اهي آبادگار جن جو گذر سفر زراعت تي آهي، انهن جي مالي حالت وڌيڪ خراب ٿي رهي آهي ۽ ڪيترن شهرن ۾ پاڻيءَ جي کوٽ خلاف احتجاج به ٿي رهيا آهن. پر ڇا ان سڄي معاملي ۾ ارسا پنهنجو منصفاڻو ڪردار ادا ڪرڻ لاءِ تيار آهي. ارسا جو ادارو ان ڪري جوڙيو ويو هو تہ جيئن ملڪ ۾ پاڻيءَ جي منصفاڻي ورڇ ٿي سگهي پر هي هڪ اهڙو ادارو ثابت ٿيو آهي، جيڪو گذريل ڪيترن سالن کان رڳو سنڌ جي پاڻيءَ تي ڌاڙو هڻي رهيو آهي. سنڌ جي پاڻيءَ تي ڌاڙي سبب تہ رڳو پنجاب پنهنجون زمينون آباد ڪري رهيو آهي پر اهو سنڌ جون زمينون ٻڙي پاٽ ڪري رهيو آهي. ان سڄي صورتحال ۾ پنجاب پڙڪ بہ ٻاهر ڪڍڻ لاءِ تيار ناهي. جنهن مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو تہ پنجاب ڪنهن بہ ريت پاڻيءَ جي ورڇ منصفاڻي طور ڪرڻ لاءِ تيار ناهي. جيستائين سنڌ ۾ پاڻيءَ جي کوٽ جاري رهي ٿي تہ ماڻهن کي پيئڻ لاءِ پاڻي لپ بہ ڪاٿ ملي سگهندي. شهرن توڙي ٻهراڙين ۾ پاڻيءَ جي کوٽ هاڻ هڪ جيتري ٿيندي پئي وڃي. ڪاڻهه جيڪي انگ اکر پاڻي جي حوالي سان آيا آهن، اهي ڇرڪائيندڙ آهن. ان حوالي سان سنڌ جي ماحوليات کاتي تونسا ۽ ڪوٽڙي بئراج مان 32 هزار ڪيوسڪ پاڻي چوري ٿيڻ تي ماحوليات واري وزارت سنڌ پاران ڳڻتي جو اظهار ڪندي چيو تہ سنڌ ۾ پاڻيءَ جي کوٽ شدت اختيار ڪري چڪي آهي، پنجاب جي حدن مان پاڻي چوري فوري روڪي وڃي. صوبائي وزير اسماعيل راهو جو چوڻ هو تہ ارسا صوبن ۾ پاڻي جي منصفاڻي ورڇ ۾ ناڪام ٿي چڪو آهي، وفاق ارسا جي غيرجانبداريءَ کي يقيني بڻائي. ماحوليات کاتي واري صوبائي وزير چيو تہ بدين، ٺٽو، سجاول سميت ڪيترن ئي ضلعن جون زرعي زمينون بنجر ٿي چڪيون آهن. ڪوٽڙي بئراج تي پاڻي جي کوٽ 67 سيڪڙو پهچي چڪي آهي. اسماعيل راهو چيو تہ ڪوٽڙي تي 15700 ڪيوسڪ جي بجاءِ تي فقط 5300 ڪيوسڪ پاڻي ميسر آهي. هن چيو تہ زرعي آبادي تہ پري پيئڻ لاءِ پاڻي ميسر ناهي. سنڌو درياهہ تي پاڻي جي شديد کوٽ سبب موسمياتي تبديلي جا انتهائي ناڪاري اثر پئجي رهيا آهن. ماحوليات کاتي واري صوبائي وزير چيو تہ سنڌ ۾ پاڻي جي کوٽ شدت اختيار ڪري رهي آهي. ان سان ڳنڀير مسئلا جنم وٺي رهيا آهن. نہ فقط انساني پر چوپايو مال، آبي ۽ جهنگلي حيات لاءِ بہ شديد خطرو لاحق آهي. هن چيو تہ سخت گرمي ۽ خشڪ سالي سبب غذائي کوٽ جو بہ خدشو آهي.

پاڻي واري ڊاٽا موجب ڪوٽڙي بيراج ۾ پاڻيءَ جو چوڙ 15 هزار 700 ڪيوسڪ آهي، جڏهن تہ اتان کان 5 هزار 210 ڪيوسڪ پاڻي ڇڏيو ويو آهي. ان حساب سان ڪوٽڙي بيراج ۾ پاڻيءَ جي کوٽ 69 سيڪڙو ڪيوسڪ تائين وڃي پهتي آهي. پاڻيءَ جي ورڇ واري ڊاٽا موجب سکر بيراج کي 30 هزار 500 ڪيوسڪ پاڻي ڏنو آهي پر ان جي اپٽ سکر بيراج ۾ هن وقت پاڻي 37 هزار 890 ڪيوسڪ تائين آهي. جنهن جي ڪري اتي پاڻي جي کوٽ 49 سيڪڙو آهي. ياد رکڻ گهرجي تہ سکر بيراج کان نڪرندڙ رائيس ڪينال ۽ ڪيرٿر ڪئنال هن وقت بند لڳا پيا آهن. پر اها اميد ڪئي پئي وڃي تہ ايندڙ ڪجهہ ڏينهن ۾ انهن کي کوليو ويندو. پئي پاسي گڊو بيراج ۾ پاڻي ڊاٽا موجب پاڻيءَ جو چوڙ 6 هزار 500 ڪيوسڪ هجڻ گهرجي. پر ان جي اپٽ گڊو بيراج ۾ چوڙ ۽ 46 هزار 945 ڪيوسڪ تائين پاڻي موجود آهي. جنهن جي ڪري گڊو بيراج ۾ 91 سيڪڙو تائين پاڻيءَ جي کوٽ لڳي پئي آهي ۽ اتان کان نڪرندڙ واهن ۾ پاڻي 6 سئو 27 ڪيوسڪ ڇڏيو ويو آهي.

هن صورتحال مان خبر پوي ٿي تہ سنڌ جي بيراج تي بہ پاڻيءَ جي صورتحال خراب لڳي پئي آهي. هوندي بہ جڏهن منڇر کان پاڻي سنڌو درياهہ ۾ چوڙ ڪيو وڃي ٿو تہ اهو ڪوٽڙي بيراج تائين پهچندي ٿورو رهجي ويندو آهي. ارسا کي گهرجي تہ اهو کوٽ واري ڏينهن ۾ پاڻيءَ جي ورڇ کوٽ موجب ڪري. جيستائين کوٽ دوران بہ پنجاب جي زمينن کي آباد ڪرڻ لاءِ پاڻيءَ جي ڪٽ جاري رهي تہ پوءِ سنڌ اڃا بہ وڌيڪ پاڻي کوٽ ڀوڳيندي. ان ڪري اها ناانصافي بند ٿيڻ گهرجي.

تاج محل جو مسئلو

عبدالڪريم چنا

چنجر 7 مئي 2022ع تي الہ آباد هاءِ ڪورٽ ۾ هڪ درخواست داخل ڪئي وئي، جنهن ۾ تاج محل جي "تاريخي حقيقتن" جي جاچ ڪرڻ لاءِ گذارش ڪئي

بقایا / ۞/اس/ء 01

سیکٹر 35 ء کرکٹ اسٹیڈیم ء تا معلوم عنبار نامی شخص جی ڈبلیو کے اور بلال ولدیت نورالامین فوت ٹی وی والعصر وی الظہر ہ دفت ہوئی ہے پوسٹمین ہے ٹائم کافی ہ ٹائم والعصر وی والد بعد روانہ ہوئی ہے پولیس ہے ہوئی ہے ڈریعہ عباسی شہید ہاسپٹل پوسٹ مارٹم کا ہوگا ہے ورثاء ہے پولیس ہے وقوع جائے شور ع کرلی ذتی

بقایا / ۞/اس/ء 02

ماؤں کی زخمی ٹیم ذتی ہے سخت ٹخطن ء ہے مذمت عدنان گھڑی ڈکے خلاف ہ طور ہے پی ایم ہے سنا ہے ڈگوش ہے ہوا کارکنوں و ہلڈنڈ مہینے و ہفتہ ڈی ہے حضرت سید نجف علی شاہ کھڑیاں ہے 45 ہیں عرب مبارک ہوئی رسمیں ہ اضابطہ ہلاک ہے ہوئی ہے ہوئی ہے ہوئی

سجاول ۾ قتل ٿيل نريش ڪمار ۽ امير بخش ملاح جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ احتجاج

ڪيس داخل نہ ٿيڻ خلاف شهرين پاران مامون لاڙو چوڪ کان پبلڪ پارڪ تائين ريلي

سياسي، سماجي، مذهبي پارٽين جي اڳواڻن سميت قومپرستن، سول سوسائٽي جي شرڪت

امن و امان جي صورتحال انتهائي خراب آهي پوليس منشيات جي ڪم ۾ مصروف آهي: شهري

سجاول: قتل ٿيل نريش ڪمار ۽ امير بخش ملاح جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ احتجاج ڪيو پيو وڃي

سجاول (رپورٽ: عتيق الرحمان ڪنڊي) سجاول ۾ گذريل ڏينهن اڳ قتل ٿيل نريش ڪمار ۽ امير بخش ملاح جي قاتلن جي گرفتاري ۽ مقدمو ڪيس داخل نہ ٿيڻ خلاف شهرين پاران مامون لاڙو چوڪ کان پبلڪ پارڪ تائين احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو جنهن ۾ سياسي، سماجي، مذهبي پارٽين جي اڳواڻن سميت قومپرستن، سول سوسائٽي ۽ شهرين وڏي

ڊپٽي ڪمشنر نوشهروفيروز پڇاڙي

تائين پاڻي نہ پهچڻ ۽ لفٽ مشين

ذريعي چوري ٿيڻ جو نوٽيس ورتو

نوشهروفيروز (ن ر) ڊپٽي ڪمشنر نوشهروفيروز محمد دانشين عالم سانگي مائنر جي پڇاڙي تائين پاڻي نہ پهچڻ ۽ لهري پاڻي لفٽ مشين ذريعي چوري ٿيڻ بابت ميڊيا ۾ ايندڙ خبرن جو نوٽيس ورتو. ڊپٽي ڪمشنر ايڪسين ايريگيشن روهڙي ڊويزن ڪنداري کي هدايت ڪئي آهي ته سانگي مائنر جي پڇاڙي تائين پاڻي پهچائڻ لاءِ راه تي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

صوبائي وزير ايڪسائيز اينڊ ٽيڪسيشن مڪيش ڪمار چاولا جي هدايتن تي ڪارروايون

پرگڙي پل وٽ بنا رجسٽريشن، اپلائيڊ فار، بنا نمبر پليٽ واري گاڏين خلاف ڪارروايون ڪيون ويون

موٽر سائيڪلن جي چيڪنگ ڪئي وئي چيڪنگ دوران 300 کان وڌيڪ گاڏين کي چيڪ

موجب ايڪسائيز اينڊ ٽيڪسيشن آفيسر خليل واري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

بدين جي رهواسي آفتاب ساريجو دڪان تي تالو ٽوڙي بااثرن قبضو ڪري ورتو

عبدالوهاب جوکيو جي ونگار وهندي دڪان جو تالو ٽوڙي قبضو ڪري ڇڏيو

پوليس مون کي ڪوڙن ڪيسن ۾ ڦاسائڻ جون ڌمڪيون ڏئي رهي آهي: آفتاب ساريجو

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر مظهر علي جمالي) بدين جي رهواسي آفتاب ساريجو پاران بدين شهر ۾ دڪان تي پوليس جي بااثر ايس ايڇ او انور لغاري وڏو منشي حنيف پنهور جي سهڪار سان عبدالوهاب جوکيو جي ونگار وهندي دڪان جو تالو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 01

شاهه عبداللطيف يونيورسٽي جي پوائنٽ بس تان ڪلينر ڪري بيهوش ٿي ويو

خيرپور جي پوائنٽ بس جو ڪلينر مومن علي ميرجت سخت گرمي سبب بيهوش

ڪلينر شاگردن کي لاهڻ بعد بس تي چڙهي رهيو هو تہ اوچتو ڪري بيهوش ٿي ويو

خيرپور (ذ ا) خيرپور ۾ سخت گرمي سبب شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور جي پوائنٽ بس جو ڪلينر بيهوش، اسپتال منتقل. خبر موجب شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور جي پوائنٽ بس جو ڪلينر مومن علي ميرجت سخت گرمي سبب /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

سکر بورڊ پاران نائين ۽ ڏهين ڪلاس جا امتحان شروع

سينٽرن اندر ڪاپي جي ڊر مثل، پيپر دوران سيپڪو پاران بجلي بند، سخت گرمي سبب شاگرد پريشان

ڊپٽي ڪمشنر خيرپور سيف الله ابڙو امتحاني سينٽرن جو اوچتو دورو ڪيو

خيرپور (رپورٽر) سکر بورڊ پاران نائين ۽ ڏهين ڪلاس جا امتحان شروع ٿي ويا. سينٽرن اندر ڪاپي جي ڊر مثل، پيپر دوران سيپڪو پاران بجلي بند، سخت گرمي سبب شاگرد پريشان خبر موجب سکر بورڊ پاران نائين ۽ ڏهين ڪلاسن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

خيرپور: ڊپٽي ڪمشنر خيرپور سيف الله ابڙو امتحاني سينٽرن جو اوچتو دورو ڪندي

لاڙڪاڻي ۾ انساني حقوق و انٽرنيشنل بين المذاهب هم آهنگي فورم پاران پاڪ فوج جي حمايت ۾ ريلي

اسان جي ادارن خلاف سازشون ٿي رهيون آهن پر جيڪي بہ سازشون ڪن ٿا اهي ڪڏهن بہ ڪامياب نہ ٿي سگهندا: اعجاز علي چچڙ

پاڪ فوج جي مهارت، ملڪ لاءِ ڪيل خدمتن ۽ ڏنل قربانين تي خراج تحسين پيش ڪرڻ لاءِ اسان کي فخر آهي اسان کي ناز آهي

پاڪستاني فوج هڪ عظيم فوج آهي جنهن جي ملڪ جي حفاظت لاءِ ڪيل خدمتن کي وساري نہ ٿو سگهجي: ديده دل غفاري

لاڙڪاڻو: انساني حقوق و انٽرنيشنل بين المذاهب هم آهنگي فورم پاران پاڪ فوج جي حمايت ۾ ريلي ڪڍي پئي وڃي

لاڙڪاڻو (بيورو رپورٽ) اسان جي ادارن خلاف سازشون ٿي رهيون آهن پر جيڪي بہ سازشون ڪن ٿا اهي ڪڏهن بہ ڪامياب نہ ٿي سگهندا اسان پاڪ فوج سان هر وقت گڏ آهيون جو تہ انهن جون ملڪ ۽ قوم جي حفاظت لاءِ بي مثال قربانيون آهن. انهن خيالن جو اظهار چيئرمين ادارا براءِ انساني حقوق و انٽرنيشنل بين المذاهب هم آهنگي فورم اعجاز علي چچڙ

ريڊيو پاڪستان لاڙڪاڻي پاران سينيئر ايل

ڊي سي حضور بخش نوناري جي رٽائرمينٽ

تي مختصر تقريب منعقد

لاڙڪاڻو (بيورو رپورٽ) ريڊيو پاڪستان لاڙڪاڻي پاران سينيئر ايل ڊي سي حضور بخش نوناري جي رٽائرمينٽ تي مختصر تقريب منعقد ڪئي وئي. تقريب ۾ اسٽيشن ڊائريڪٽر علي مراد ٽالپر، اڪائونٽس آفيسر غلام مصطفىٰ هڪڙو، ايڇ بي ٽي انچارج انجنيئرنگ مئنيجر عبدالحامد تنيو، انجنيئرنگ مئنيجر سليم سولنگي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

نصيرآباد پرسان ڳوٺ جاڙا واهوچو ۾ واهوچا ذات جي ٻن ڌرين وچ ۾ جهيڙو، نوجوان قتل

خنجر لڳڻ سبب هڪ ڌر جو نوجوان عابد علي ولد روشن علي واهوچو سخت زخمي ٿي پيو

چانڊڪا ميڊيڪل جي حادثن واري شعبي ۾ آندو ويو، جتي ڊاڪٽرن فوتگي جي تصديق ڪئي

ٻارن جي معمولي ڳالهہ تان ميڙا جهيڙو ٿي پيو زخمي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

سجاول ۾ پاڻي جي کوٽ خلاف آبادگارن جو احتجاجي مظاهرو

مظاهرين چرپتائي وٽ حيدرآباد ويندڙ روڊ بند ڪري ڇڏيو روڊ جي ٻنهي پاسي سوين گاڏيون بيهي رهيون

گذريل ڪيترن مهينن کان پاڻي بند آهي جنهن سبب فصل تباهہ ٿي رهيو آهي زمينون بنجر ٿي رهيون آهن: مظاهرين

سجاول (ن ر) سجاول ۾ پاڻي جي کوٽ خلاف آبادگارن جو احتجاجي مظاهرو. مظاهرين چرپتائي وٽ حيدرآباد ويندڙ روڊ بند ڪري ڇڏيو روڊ جي ٻنهي پاسي سوين گاڏيون بيهي رهيون اڄڻ وڃڻ واري ٽريفڪ معطل ٿي وئي. مظاهرين جو چوڻ هو تہ گذريل ڪيترن مهينن کان پاڻي بند آهي جنهن سبب فصل تباهہ ٿي رهيو آهي زمينون بنجر ٿي رهيون آهن اڄا تائين چانورن جي آبادي نہ ٿي /بقايا پڙهو صفحو

سجاول: سجاول ۾ پاڻي جي کوٽ خلاف آبادگار احتجاج ڪري رهيا آهن

لاڙڪاڻو وائلڊ لائيف کاتي طرفان جنا ۽ باغ

۾ جنسي طاقت لاءِ سانڊي جو تيل وڪرو

ڪندڙ يوناني حڪيمن خلاف ڪارروايون

لاڙڪاڻو (بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي ۾ وائلڊ لائيف کاتي طرفان جناح باغ ۾ جنسي طاقت لاءِ سانڊي جو تيل وڪرو ڪندڙ يوناني حڪيمن خلاف ڪارروائي ڪري 10 سانڊن کي تحويل ۾ وٺي چالان شروع ڪري ڇڏي آهي. ان حوالي سان وائلڊ لائيف کاتي جي انسپيڪٽر قربان علي لاشاري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

نوشهروفيروز ۾ اين پي سي آءِ ايڇ اي پاران پاڪ فوج جي حمايت ۾ ريلي

پاڪ فوج جي خلاف سوشل ميڊيا تي غلط پروپيگنڊا ڪئي پئي وڃي: اڳواڻ

ملڪي عوام جي حفاظت ڪندڙ پاڪ آرمي خلاف پروپيگنڊا بند ڪئي وڃي

نوشهروفيروز (رپورٽر) اين پي سي آءِ ايڇ اي پاران پاڪ فوج جي حمايت ۾ ريلي ڪڍي وئي جنهن جي اڳواڻي تنظيم جي صوبائي صدر ميمبر خيساڻي، وائيس چيئرمين عمران علي خيساڻي، تنظيم جي سينيئر ميمبر رئيس روشن علي خيساڻي ۽ ٻيا ڪري رهيا هيا ريلي نارو شاهہ چوڪ کان ڪڍي وئي جيڪا شهر جي مختلف رستن تان ٿيندي الله والي چوڪ تي پهتي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

نوشهروفيروز: اين پي سي آءِ ايڇ اي پاران پاڪ فوج جي حمايت ۾ ريلي ڪڍي پئي وڃي

حيدرآباد ۾ نائين ۽ ڏهين ڪلاس جا امتحان شروع، ڪاپي جو سلسلو جاري رهيو

امتحاني سينٽرن تي لوڊشيڊنگ سبب بجلي جي بند ٿيڻ سبب امتحان ڏيندڙ شاگرد پريشان

جي امتحان ۾ 64774 ۽ ڏهين ڪلاس جي امتحان ۾ 62881 شاگرد امتحان ڏئي رهيا آهن

امتحاني سينٽرن جي حدن ۾ ايندڙ سمورن فوٽو اسٽيٽ جي دڪانن کي بند ڪرايو ويو

آهي: عملدار

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر مظهر علي جمالي) حيدرآباد ۾ نائين ۽ ڏهين ڪلاس جا امتحان شروع امتحاني سينٽرن جي ڪاپي جو سلسلو جاري رهيو جڏهن تہ سخت گرمي دوران امتحاني سينٽرن تي لوڊشيڊنگ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

لاڙڪاڻي ۾ چيف آف آرمي اسٽاف انٽر ڊسٽرڪٽ هاڪي چئمپيئن شپ ٽورنامينٽ شروع

ٽورنامينٽ جي پهرين ميچ سنڌ هاڪي ڪلب ۽ مجاهد هاڪي ڪلب جي ٽيمن وچ ۾ کيڏي وئي

پاڪ آرمي قومي راند هاڪي کي هٿي وٺرائڻ لاءِ ڪوشش ۾ رڌل آهي: محمد رمضان جمالي

لاڙڪاڻو (بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي ۾ چيف آف آرمي اسٽاف /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

صالح پٽ تعلقي جو سياسي ميدان دلچسپ بڻجي ويو

هڪ ئي پارٽيءَ جا جيالا آمهون سامهون، سندرا ڪسي ميدان ۾ لٿل

پ پ کي مات ڏيڻ لاءِ مختلف پارٽين ۾ جوڙ توڙ جو سلسلو بہ جاري

صالح پٽ (رپورٽ غلام علي ملاح) صالح پٽ تعلقي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

علمي درسگاهہ سر شاهنواز ڀٽو لائبريري ۾ گرمين جي موسم ۾ ٿڌي پاڻيءَ جي کوٽ

ٿڌي پاڻيءَ جي سهولت مهيا ڪرڻ لاءِ شاگردن جي انتظاميا ۽ وس وارن کي اپيل ڪري ڇڏي

پيئڻ جي پاڻي جو مسئلو حل ڪيو وڃي تہ جيئن شاگردن جي زندگي بچي سگهي: نوجوان اڳواڻ

لاڙڪاڻو (بيورو رپورٽ) سنڌ جي بهترين علمي درسگاهہ سر شاهنواز ڀٽو لائبريري ۾ گرمين جي موسم ۾ ٿڌي پاڻيءَ جي سهولت مهيا ڪرڻ لاءِ شاگردن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

سجاول ويجهو آمڙا اسٽاپ تي اوٺار شيخ ۽ لغاري برادري ۾ جهيڙو

جهيڙي ڀلين ڪهاڙين سميت آزادانہ طور استعمال گولي لڳڻ سبب ست ڄڻا زخمي اسپتال منتقل

جهيڙو چوپايو مال چوري ڪرڻ جيڪري ٿيو. آخري اطلاع تائين ڪا بہ گرفتار عمل ۾ نہ اچي سگهي آهي

سجاول (ن ر) سجاول ويجهو آمڙا اسٽاپ تي اوٺار شيخ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

لاڙڪاڻي ۾ پ پ پاران نامزد ڪيل اميدوارن نامزدگي فارم جمع ڪرائي ڇڏيا

اسان مٿان اعتماد ڪندي يونين ڪاميٽي ون ڏڙي ٽائون تي ٽڪيٽ جاري آهي: اميدوار

انشاءَ الله ايندڙ بلدياتي اليڪشن ۾ ڪامياب ٿي عوام جي خدمت ڪنداسين

لاڙڪاڻي شهر جي نظر باڙي مان ميينا اغوا ٿي ويل ٿاري ستاره مشوري جي بازيابي لاءِ احتجاج

ستاره مشوري جي بازيابي لاءِ سنڌس وارث عورتن طرفان پريس ڪلب اڳيان احتجاج ڪيو ويو

غريب مسڪين آهيون. منهنجو پورهيت مڙس 5 سال اڳ بيماري سبب فوت ٿي ويو: جميلان خاتون

لاڙڪاڻو (بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي شهر جي نظر باڙي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

سڪرنڊ شهر جي ڪچي واري علائقي جلباڻي ڳوٺ ۾ قتل ٿيل نوجوان جا جوابدار گرفتار نہ ٿيا

سڳاوتي تڪرار تان قتل ٿيل پورهيت شعبان چانڊيو جا قاتل گرفتار نہ ٿيڻ خلاف مظاهرو ڪيو ويو

امڙ قائم خاتون، ڀائرن عبدالجبار چانڊيو، بهار چانڊيو ۽ ٻين دادو پريس ڪلب اڳيان مظاهرو ڪيو

جوابدارن خلاف سڪرنڊ جي ماڙي ٿاڻي تي ڪيس داخل ٿيڻ ٿيل آهي، انصاف ڪيو وڃي: مظاهرين

دادو: جلباڻي ڳوٺ ۾ سڳاوتي تڪرار تان قتل ٿيل پورهيت شعبان چانڊيو جا قاتل گرفتار نہ ٿيڻ خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

ٽي آءِ ڊي سي ون ظهور مري جو ڇاپو

سجاول (ن ر) ضلعي سجاول جي شهر جاتي شهر پرسان غير قانوني طور ذخيرو ڪيل پاڻ جي گودام تي آءِ ڊي سي ون ظهور مري جو ڇاپو، گودام پاڻ سميت سيل ڪري ڇڏيو ويو ... /بقايا ڏسو صفحو 3 نمبر 05

ڏڙو ۾ ٻن واپاري نوجوانن مٿان ٿيل حملي جا جوابدار گرفتار نہ ٿيڻ خلاف ساجاهہ وند روڊ تي اچي ويا

واپاري نوجوانن امتياز ميمڻ ۽ فريد ميمڻ مٿان ٿيل حملي جا جوابدار گرفتار نہ ٿيڻ خلاف احتجاجي ريلي ڪڍي ڌرڻو هنيو ويو

مياسي پوڙهن جي آشيراد سبب شهر ڌاڙيلن حوالي آهي، جيڪي شهرين ۽ واپارين کي ڀتي لاءِ تنگ ڪن ٿا: مظاهرين

ٽنڊو محمد خان ۾ 750 آر او پلانٽ آپريٽرن کي 19 مهينن کان پگهارون نہ ملڻ سبب عيد بہ ڪالي

جي آپريٽر ايشاءَ جي وڏي آر او پلانٽ ڪان ريلي ڪڍي ٽرڪول مين روڊ بند ڪري 4 ڪلاڪ ڌرڻو هنيو ويو

ملازم پگهارون ڏيارڻ لاءِ پڪاريندا رهيا پر چونڊيل نمائندا ڌرتي ۾ مسئلا حل ۽ اچڻ جي بہ زحمت نہ ڪئي

پگهارون نہ ملڻ سبب گهرن ۾ فاقہ

ملي: 750 آر او پلانٽ آپريٽرن کي 19 مهينن کان پگهارون نہ ملڻ خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

ملي (پ ر) ٺٽهہ ڪرو 750 آر او پلانٽ آپريٽرن کي 19 مهينن کان پگهارون نہ ملڻ ۽ ٺٽهہ غير فعال آر او پلانٽ فعال نہ ڪرڻ 39 ڪروڙ بجيٽ پبلڪ هيلٿ ڊپارٽمينٽ طرفان اوسلو ڪمپني کي رليز ڪري ملي پڳت تي حزب ڪرڻ خلاف ٽرجي آپريٽر ايشاءَ جي وڏي آر او پلانٽ کان

دادو جي عدالت قتل جي ڪيس

۾ هڪ جوابدار کي 14 سال قيد ۽ 42

لک روپيا ڏنڊ جو فيصلو ٻڌائي ڇڏيو

دادو (رپورٽر) دادو جي عدالت قتل جي ڪيس ۾ هڪ جوابدار کي 14 سال قيد ۽ 42 لک روپيا ڏنڊ جو فيصلو ٻڌائي ڇڏيو فرسٽ ايڊيشنل سيشن جج ايم سي ٽي سي انڊير بدر قناعتي جج جي عدالت قتل ڪيس جي ٻڌائي ڪيس ڏيڍ ثابت ٿيڻ تي هڪ جوابدار اعظم عرف عزيز پٽ رمضان /بقايا ڏسو صفحو 3 نمبر 17

خانوٽ پرسان حادثو، هڪ پورهيت چيپاٽجي فوت، ٻيو زخمي

لنڪ روڊ تي مزدوري لاءِ ويندڙ 2 پورهيت ٽرڪ جي ٻانت تان ڪري پيا

ڪليم الله منيائي ڪوسو چيپاٽجي فوت ۽ رحمان علي منيائي زخمي ٿي پيو

مانجهند (رپورٽر) خانوٽ پرسان لنڪ روڊ تي مزدوري لاءِ ويندڙ 2 پورهيت ٽرڪ جي ٻانت تان ڪري پيا /بقايا ڏسو صفحو 3 نمبر 18

چتوچنڊ ۾ ملاح اڳواڻ ڏاڏا آدم گندرو ۽ محمد ايوب ملاح جي صدارت ۾ گڏجاڻي منعقد

چليا يونٽ جي بادي جو اعلان ڪندي بلدياتي اليڪشن ۾ ڀرپور نموني حصو وٺڻ جو پڻ فيصلو ڪيو ويو

اڳواڻن جي وڏي انگ ۾ شرڪت، گڏجاڻي ۾ متفقہ راءِ سان سنڌ ملاح فورم يوسي چليا يونٽ جي بادي جوڙي وئي

نيو لياري سيڪٽر 35 ۾ نامعلوم هٿياربندن جي فائرنگ ۾ هڪ ڄڻو قتل

نيو لياري (رپورٽ: حاجي اڪبر) نيو لياري سيڪٽر 35 ۾ نامعلوم هٿياربندن جي فائرنگ ۾ هڪ ڄڻو قتل تفصيل موجب نيو لياري /بقايا ڏسو صفحو 3 نمبر 01

دادو پرسان بزرگ سيد نجف علي شاهہ لڪياري جو عرس مبارڪ شروع

عرس مبارڪ ۾ سڄي ملڪ مان عقيدتمندن مريدن جي ڀرپور شرڪت جو سلسلو جاري

عرس دوران پهلوانن جي حوصلا افضائي لاءِ ميدان ۾ موجود مائهن پهلوانن کي دل کولي داد ڏنو

صالح پٽ تعلقي جو سياسي ميدان دلچسپ بڻجي ويو

هڪ ئي پارٽيءَ جا جيالا آمهون سامهون، سندرا ڪسي ميدان ۾ لٿل

پ پ کي مات ڏيڻ لاءِ مختلف پارٽين ۾ جوڙ توڙ جو سلسلو بہ جاري

صالح پٽ (رپورٽر) صالح پٽ تعلقي جو سياسي ميدان دلچسپ بڻجي ويو آهي. ضلعي سکر جي جيئرمين شپ مائٽ لاءِ پراڻن سياسي حريفن پنهنجا پنا ڪيڏن شروع ڪري ڇڏيا آهن ... /بقايا ڏسو صفحو 3 نمبر 06

اسلام ڪوٽ ۾ پورهيت جو بااثرن جي ظلم خلاف ٻارن سميت احتجاج

اسان جي پلاٽ تي فاطمه فقير زبردستي قبضو ڪري ويٺل آهي: پورهيت راجا پڳت

جيڪڏهن انصاف نہ ٿيو تہ ٻارن ٻچن سميت پاڻ ساڙي ڇڏيندس، نوٽيس ورتو وڃي

اسلام ڪوٽ (رپورٽر) شهر جي شر ڪالوني جي پورهيت جو بااثرن جي ظلم خلاف ٻارن سميت احتجاج ... /بقايا ڏسو صفحو 3 نمبر 09

اسلام ڪوٽ: پورهيت جو بااثرن جي ظلم خلاف ٻارن سميت احتجاج ڪندي

اڳوڻي ايم اين اي عارف علي پيرزادا جي ويجهي ساٿي عبدالحميد سان ملاقات

ملاقات جي دوران سيد عارف علي پيرزادا فنڪشنل ليگ ۾ شموليت جو اعلان ڪري ڇڏيو

سيد عارف علي پيرزادو جي اڳوائي ۾ عبدالعزيز پيرزادي جو ساٿ ڏينداسين: اڳواڻ

ڪراچي (رپورٽر) ايم ڪيو ايم پاڪستان جي اڳوڻي ايم اين اي سيد عارف علي پيرزادو پنهنجي ويجهي ساٿي عبدالحميد سان ملاقات ڪري فنڪشنل ليگ ۾ شامل ٿي ويو آهي خبر

پ پ پ شهيدن غريب عوام ۽ پورهيتن جي پارٽي آهي: پير مظهر الحق

دادو جي عوام هميشہ پ پ پ کي ووٽ ڏئي ڪامياب ڪيو آهي دادو پ پ پ جو ريڊنار ضلعو آهي

شهيد قائد عوام ذوالفقار علي ڀٽو سرداري نظام ختم ڪري هارين مزدورن کي عزت ڏني: ڳالهيون

دادو (رپورٽر) پاڪستان پيپلز پارٽي جي سي اي سي ميمبر اڳوڻو وزير تعليم پير مظهر الحق پ پ پ تعلقہ دادو جي آفيس تي ايڊووڪيٽ محمد عمر /بقايا ڏسو صفحو 3 نمبر 16

صحافين جو اتحاد ۽ پليٽ فارم تي گڏ ٿيڻ وقت جي اهم ضرورت آهي: حاجي عبدالغفار

وقت جي اهم ضرورت آهي صحافين جي حقن ۽ انهن جي ڀلائي جا ڪم ان قت ٿي سگهن ٿا

اختلاف ختم ڪري هڪ ٿينداسين صحافين سان ٿيندڙ زيادتين خلاف اسين هر هنڌ گڏ هونداسين

ميڊيا ڪونسل ميرپورخاص ڊويزن جي نئين چونڊيل عهديدارن کي قسم کڻائڻ واري تقريب ٿي

جروار ۾ گذريل ڪيترن ئي ڏينهن کان

صفائي نہ ٿيڻ خلاف سول سوسائٽي

پاران احتجاجي مظاهرو

جروار (رپورٽ: مجاهد علي گبول) جروار ۾ گذريل ڪيترن ئي ڏينهن کان صفائي نہ ٿيڻ خلاف سول سوسائٽي پاران احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو خبر موجب جروار جي مختلف محلن ۽ گهٽين ۾ صفائي نہ ٿيڻ تي سول سوسائٽي جي مائهن پاران پريس سيڪيٽري خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو ان موقعي تي زاهد منگي، منور /بقايا ڏسو صفحو 3 نمبر 07

جوهي پرسان ڪوسا برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو، پيرسن قتل، عورت سميت 2 زخمي

ڳوٺ بازمال ڪوسو ۾ سڳاوتي تڪرار تان ڏنڊا لڳڻ سبب 60 سالا پيرسن حبيب الله ڪوسو فوت ٿي ويو

پوليس لاش تحويل ۾ وٺي پوسٽ مارٽم لاءِ اسپتال آندو مسمات شيبران ڪوسو، غلام شبير زخمي ٿي پيا

... /بقايا ڏسو صفحو 3 نمبر 08

ٻرياسٽي جي اندرواهہ ۽ شاخن ۾ زرعي پاڻيءَ جي کوٽ خلاف احتجاجي مظاهرو، ڌرڻو

آبادگارن شوڪت علي ڪلهوڙو، منور علي، محبوب علي ڪلهوڙو، امام علي ڪلهوڙو ۽ ٻين اڳواڻي ۾ لنڪ روڊ تي سخت احتجاجي مظاهرو ڪيو

بااثر زميندار ۽ سنڌين ڪمدار بدڪا شاخ ۽ ڊالي شاخن ۾ هٿرادو ٻنڌ وجهي ٻنڌا هٿي ۽ غير قانوني نوليون جهڙا لڳائي پاڻي چوري ڪن ٿا: مظاهرين

نوشهرو فيروز (رپورٽ) ٻرياسٽي تعلقي جي اندرواهہ ۽ شاخن ۾ زرعي پاڻي جي سخت کوٽ خلاف ... آبادگارن شوڪت علي ڪلهوڙو، منور علي، محبوب علي ڪلهوڙو، امام علي ڪلهوڙو ۽

نوشهرو فيروز: ٻرياسٽي جي اندرواهہ ۽ شاخن ۾ زرعي پاڻيءَ جي کوٽ خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

ڊي ايس پي سجاول يونس روڊاڻي جي نگراني

۾ ايس ايڇ او چوهڙ جمالي جي منشيات فروشن

۽ ڌوڙارين خلاف ڊبنگ ڪارروايون

سجاول (ن ر) ايس ايس پي سجاول سيد اصغر علي شاهہ جي خاص هدايتن تي ڊي ايس پي سجاول يونس روڊاڻي جي نگراني ۾ ايس ايڇ او چوهڙ جمالي شاهنواز علي اوٺو جي منشيات فروشن ۽ ڌوڙارين خلاف ڊبنگ ڪارروايون جاري، ضلع سجاول ۽ ٿٽي جو نامي گرامي منشيات فروش هڪ /بقايا ڏسو صفحو 3 نمبر

ٽنڊو ڪوٽ ۾ نائين ۽ ڏهين ڪلاس جو پهرين انگريزي پيپر شروع

ڪاپي جي ڊر مثل شاگردن کي پيپر ملڻ کان اڳ پيپر آئوٽ ٿي ويو

اسڪول جي شاگردن کي موبائيل فون کڻي اچي سرعام استعمال ڪرڻ جي اجازت مليل

ٽنڊو ڪوٽ (رپورٽر) تعليمي بورڊ ميرپورخاص جي نگراني ۾ هلندڙ نائين ۽ ڏهين ڪلاس جي پهرين پيپر انگريزي شروع ٿيندي ئي ٽنڊو ڪوٽ /بقايا ڏسو صفحو 3 نمبر 14

سنڌ اندر پاڻي جي کوٽ قدرتي ناهي پر پنجاب جاڻي واڻي ڏ پاڻي روڪي ويٺو آهي: نياز ڪالاڻي

پ پ سنڌ تي ڪنهن ڏمر کان گهٽ نہ آهي پيري پاڻي جي کوٽ گذريل سال کان وڌيڪ آهي

خورشيد شاهہ چئي ٿو تہ پنجاب پاڻي تلو ڪوڙ اڳي، هن وقت پنجاب ۾ 42 ڪيناڻ وهي رهيا آهن 20